SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريہ 1996

SINDH ACT NO.VII OF 1996

سنڌ پارلياماني سيڪريٽريز جون (پگهارون، الائونسزءِ مراعتون) (ترميم) ايڪٽ، 1996

THE SINDH PARLIAMENTARY SECRETARIES (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) (AMENDMENT) ACT, 1996

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوانءِ شروعات
Short title and commencement

2. 1974 جي سنڌ ايڪٽ XXIV جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment of section 3 of Sindh Act XXIV of 1974

3. 1974 جي سنڌ ايڪٽ XXIV جي دفعہ 4_A جي ترميم
Amendment of section 4_A of Sindh Act XXIV of 1974

4. 1974 جي سنڌ ايڪٽ XXIV جي دفعہ 4_B جي ترميم
Amendment of section 4_B of Sindh Act XXIV of 1974

5. 1974 جي سنڌ ايڪٽ XXIV جي دفعہ 4_D جي ترميم
Amendment of section 4_D of Sindh Act XXIV of 1974

6. 1974 جي سنڌ ايڪٽ XXIV جي دفعہ 4_E جي ترميم

Amendment of section 4_E of Sindh Act XXIV of 1974

7. 1974 جي سنڌ ايڪٽ XXIV جي دفعہ 5 کي ختم ڪرڻ

Deletion of section 5 of Sindh Act XXIV of 1974

سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريہ 1996

SINDH ACT NO.VII OF 1996

سنڌ پارلياماني سيڪريٽريز جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) (ترميم) ايڪٽ، 1996

THE SINDH PARLIAMENTARY SECRETARIES (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) (AMENDMENT) ACT, 1996

[13 مارچ 1996]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ پارلياماني سيڪريٽريز جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1974 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن تہ سنڌ پارلياماني سيڪريٽريز جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1974 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ پارلياماني سيڪريٽريز جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) (ترميم) ايڪٽ، 1996 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

2. سنڌ پارلياماني سيڪريٽريز جون (پگهارون، الائونسز ۽ 1974 جي سنڌ

مراعتون) ايڪٽ، 1974 ۾، جنهن کي هن ڪانپوءِ بہ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 3 لاءِ، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"3. **پگهار ۽ مراعت.** هڪ پارلياماني سيڪريٽري کي ڏنيون ويندیون:

(i) پگهار ڏهہ هزار هڪ سئو نوي رپيا ماهوار؛ ۽

(ii) آرڊرلي الائونس هڪ هزار رپيا ماهوار 31 آگسٽ، 1995 تائين ۽ هڪ هزار ڇهہ سئو رپيا ماهوار پهرين سيپٽمبر، 1995 کان.

(iii) 1300 سي سي جي هڪ سرڪاري ڪار جو استعمال (مقامي طور تي تيار ٿيل) هڪ ڊرائيور سان گڏ حڪومت جي خرچ تي سنڀاليل.

ايڪٽ XXIV جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment of section 3 of Sindh Act XXIV of 1974

3. ڄاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 4_A جي ذيلي دفعہ (2) ۾، لفظن "هڪ هزار پنج سئو رپيا ماهوار" لاءِ لفظن "1991 موجب ڏنل بي ايس 21 جي گهٽ ۾ گهٽ پنجيتاليهہ سيڪڙو" کي متبادل بڻايو ويندو.

1974 جي سنڌ ايڪٽ XXIV جي دفعہ 4_A جي ترميم
Amendment of section 4_A of Sindh Act XXIV of 1974

4. دفعہ 4_B جي شق (ii) لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(ii) ساڳئي اسڪيل جيئن بي ايس 21 جي عملدار کي ڏنيون ويندیون آهن، سرڪاري خرچ تي رهائشگاهہ ۽ آفيس ۾ ٽيليفون جون سهولتون."

1974 جي سنڌ ايڪٽ XXIV جي دفعہ 4_B جي ترميم
Amendment of section 4_B of

5. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 4_D ۾ لفظن "اسيمبلي جو هڪ ميمبر" لاءِ لفظن "بي ايس 21 جو هڪ عملدار" سان متبادل بڻايو ويندو.	Sindh Act XXIV of 1974 1974 جي سنڌ ايڪٽ XXIV جي دفعہ 4_D جي ترميم Amendment of section 4_D of Sindh Act XXIV of 1974
6. ڄاڻايل ايڪٽ ۾ دفعہ 4_D کانپوءِ هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو: "4_E **ميڊيڪل سهولتون.** پارلياماني سيڪريٽري کي ميڊيڪل سهولتون فراهم ڪيون ويونديون جيئن بي ايس 21 جي عملدار کي ڏنيون ويونديون آهن.".	1974 جي سنڌ ايڪٽ XXIV جي دفعہ 4_E جي ترميم Amendment of section 4_E of Sindh Act XXIV of 1974
7. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 5 کي ختم ڪيو ويندو.	1974 جي سنڌ ايڪٽ XXIV جي دفعہ 5 کي ختم ڪرڻ Deletion of section 5 of Sindh Act XXIV of 1974

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.